اوم

# آريه سماج جي ضرورت

.... .... .... .... ....

# ايشور جي هستي


ليکڪ :

گنگارام سمراٽ



پرڪاشڪ :

گرداسمل چاڳارام

آريه پرنٽنگ پريس، مهرشي دياننند مارگ،

ڀهڄپور اوڳها-382345، ڪرڻاوتي.

ڪاپيون : ١٠٠٠

ڇاپو : پهريون

قيمت : ٥-٠٠

# آريہ سماج جي ضرورت

- گنگارام سمراٽ

آريہ سماج ڇا آهي؟ اهو هڪ سوال آهي جو هر هڪ ناواقف ماڻهو عام طور ڪري سگهي ٿو. ان سوال جي جواب لاءِ هڪ زبردست جوابي پستڪ جي ضرورت آهي. ڇو ته آريہ سماج جو اُديش ۽ ڪاريہ به تمام زبردست آهي. جنهن جو ڪار کيٽو ننڍڙو سار کيٽو - دنيا جي مذهبن جي مذهبي تواريخ تمام ٿورن ئي اکرن ۾ ٻڌائي سگهجي ٿي. ڇو ته انهن جو دائرو به ننڍو آهي. انهن جو ڪاريہ انهن جي مذهبي ڪاريہ جي حد اندر ئي محدود آهي. پر آريہ سماج، جا ويدڪ ڌرم يعني آريہ ڌرم يا ايشور ڌرم جو پرچار ڪري رهي آهي، انجو ڪاريہ کيتر سڄي دنيا جي لاءِ آهي. ۽ ايترو وسيع آهي جو اهو قلم جي طاقت جا طاق ئي ٽوڙي ٿو ڇڏي. انڪري ئي ٿو چوان ته پيارا مترو! هن جواب لاءِ زبردست پستڪ جي ضرورت آهي.

آريہ سماج يعني آرين جي سوسائٽي. آريہ سماج

ئي هڪ اها سماج آهي جنهن جو آدرش آهي سنسار
جو اپڪار ڪرڻ! يعني سماجڪ، شاريرڪ ۽ آتمڪ
اُنتي ڪرڻ- هاڻي پهريائين اهو ٻڌائڻ ضروري آهي
ته آريه سماج کان اڳ ڀارت جي سماجڪ، شاريرڪ ۽
آتمڪ اوستا ڪيتري قدر ڪريل هئي جنهن جي
اُنتي لاءِ **شري مهرشي سوامي ديانند سرسوتي**
جن آريه سماج جي استاپن ڪرڻ جي ضرورت
محسوس ڪئي-

آريه سماج کان اڳ ڀارت جي سماجڪ اوستا هڪ
ڏائڻ جو روپ ڌارڻ ڪيو هو- انوقت جي سماجڪ
اوستا جي ياد ايندي ئي من گهٻرائڻ ٿو لڳي- آها!
ويچارين وڌوائن تي ڪهڙا ظلم ڪيا ويندا هئا-
ويچاري وڌوا جو پتي جي ان جي نوجوان اوستا ۾
مري وڃي ته پوءِ ان استري کي وري وواهه ڪرڻ
جي اجازت نه هئي- مرد ئي ٿي چار چار شاديون
ڪري سگهي ٿو، پر استري نٿي ڪري سگهي- ڪيڏو
نه انياءُ آهي! ويچارين وڌوائن سماج جي پنڊتن
کان تنگ ٿي در در ڀٽڪنديون رهنديون هيون جي
نه ڪجهه پاڻ روڪي سگهنديون هيون، سي نه ڪيئن
ب ڪري زهري زندگي بسر ڪنديون هيون، نه تـ،

آخر اخلاق کي جواب ڏيڻو پوندو هو. پر ته ڏکڻ جي درياهه ۾ غوطا کائي حياتي برباد ڪرڻي پوندي هئي، يا غير مذهبن جي ڇنبي ۾ ڦاسنديون هيون، کي پاڻ جو انت کي کوهن جو کاڄ بڻنديون هيون. ان طرح ويچاريون وڌوائون سماج جي ذليل ذهنيت جي ڀار اٿر زندگي ضايع ڪنديون هيون.

جنهن لاءِ جوابدار ٻال وواهه جو عام رواج هو. پراچين سمي ۾ جيڪو رواج هو ته پنجويهه (٢٥) سالن جو پرش ۽ سورهن (١٦) سالن جي ڪنيا جو وواهه ٿيڻ گهرجي اهو رواج ٽٽي چڪو هو. ان جي جاءِ تي ٢٥ مهنن جو ته ٿيو پر ٢٥ ڪلاڪن جي ڪنوار ۽ گهوٽ جو وواهه ٿيڻ لڳو. اهڙي قدر حالت لڳي جو اڃا ٻار ٿي نه ڄاوو آهي ته اڳيئي مائٽ ان جي شادي جو فيصلو ڪري ڇڏيندا هئا. ڀلا جن ٻالڪن کي خود سمجهڻ پرور ڪانهي سي ڇا ڄاڻن شاديءَ جي جوابداريءَ مان. آخر اهو حال ٿيو جو وڌوائن جو اعداد ڏور سان وڌڻ لڳو. وڌوائن جي پڪار ٻڌڻ وارو ڪوبه نه رهيو. هڪ هڪ سال جون وڌوائون، ڇهن ڇهن مهنن جون وڌوائون وڌڻ لڳيون.

وري اي جوڙ شادين چڱو زور پڪڙيو هو. جو ست سالن جو مڙس ته ست مهنن جي زال-

پنجاهه سالن جو ڪمزور مرد ۽ ٥ سالن جي ڏيءُ جيڏي ڳالهه - مڙس مري ويو ۽ ويچاري ١٥-١٦ سالن جي نوجوان استري ودوا جي نالي هيٺ ڪيترن ظلمن جو شڪار ٿي ٿئي-

ان ڪانسواءِ ڇوٽا ڇوت جو پورو ۽ پارٽ ۾ پنڊت ڪري الهو هو- جڏهن ڪدي ڪڙڇ ڪندي ڪري ڇڏي- ذات پات جي پنڌن ۾ پارٽ ۾ ڪيترين جاتيون پيدا ڪري ڇڏيون- اڄوڪي ڪالڪ ۾ ڦٽي جدا ٿي ويا- ڪيتري ڪالڪ ۾ وڙهي مئا ۽ شودر وري انهن کان ۽ ڪسر ڪڙ لڳا- اڄوڪي حالت اها آهي جو جن ورهيتن جي فقط هڪ ٿي جاتي هئي تن جون اڄ ٻه ٽي ۽ هزار جاتيون آهن- ۽ جن ڪترن جي ۽ فقط هڪ جاتي هئي تن جون اڄ ڏيڍ هزار جاتيون پاڻ ۾ موجود آهن- اهي سڀ هڪ ٻئي ۾ اڄوڪي ۽ ڪتري هوندي ۽ هڪٻئي جي هٿ جو ڪاڌو کولڪ ڪانٿين نڪو هڪٻئي ۾ ڏي وٺ ڪن- وري شودرن جو حال بدتر ۽ اهي ڪيترن ڪالڪ ۾ ڦٽي ڦٽڪي مئا آهن- مڙو ۽ وري اهو آهي جو تمام رواجي ڳالهين تي ٿي مذهبي جاتي پيدا آهي- ڏکڻ هندگال ۾ ڪڪڪ ٿالـي صالع ۾ هڪڙا ڪنڀار آهن جي واهي پنا مهز وغيره تي اوٽن پيدا اپنا آهن- ان ڪري هو ڪالڪ ۾ ان سبب

ڪري جدا آهن- ٻو ٻئي ۾ وري هڪڙا گوالا (ڳئوار)
آهن- جن مان هڪڙا ڪچي کير مان مکڻ ڪڍندا
آهن ۽ ٻيا ٻڪل کير مان مکڻ ڪڍندا آهن- اهي ٻ
ان ڪارڻ جاتي ٻاهر ڪري هڪٻئي ۾ وشتو ڪون-
ڪن- ٻيا وري هڪڙا مهاڻا آهن جن مان هڪڙا
ساڄي هٿ سان ڪنڍي وجهي مڇي ماريندا آهن ٻيا
کاٻي هٿ سان ڪنڍي وجهي مڇي ماريندا آهن- ان
ڪري اهي ٻ هڪٻئي کان جدا آهن- هڪٻئي مان شادي
ڪانه ڪن- ايتري قدر جو هڪٻئي جي هٿ جو کاڌو
ٻ ڪونه- هاڻي واپار ڪرڻ ۾ ڪهڙي ايهودي
ايماري ٻاروڻ ۾ گهر ڪيو هو جنهن جو روپ اڄا نه سڄو
۾ اچي رهيو آهي- واپارن اڄوڪن جو اهڙو حال هو
جو ڪنهن ٻ ڪوه نان مسلمان، عيسائي خواه ٻيو ڪير
ٻ ٻاڻي ٻري سگهي ٿو ٻر ان ساڳئي ڪوه نان هڪ
هندو هر ڳجن ٻاڻي نٿو ٻري سگهي! جنهن مندر کي
ساڳيا شودر لڳا ڪن، ان مندر ۾ اهي ساڳيا اڇوت ٻيو ٻ
نٿا ٻاڻي سگهن- ساڳيو اڇوت جڏهن ڪان هڪ ٻاڪنڊي
ٻوٻ هنڊ ڦ ٻاري ٻچندو هجي اهو ساڳيو ٻئي مذهب
۾ وڃي ڪنهن نوڪري لي چڙهي اٿو ۽ هڪ عملدار
جي الڪي ان هنڊ ڦ جي گدي لي وهڻ جو اڌ ڪار
آهي ٻر ساڳئي ٻو لڙ هندو ڌرم جي اندر رهي هو

ان ٻڌن جي نظر ۾ ذليل سمجهيو ويو - اهي ڪتا
۽ ٻلا جي وشٽا کي ڪائين نا لڏجي ڇهڻ ۾ ٻا مدد ۽
۾ اچڻ لي انهن ٻڌن کي ڪا ٻ غيرت ڪا ن اچي
ٻر ان وشٽا جي فقط ڇهڻ جي ٻاڃي کي ٻ اهي
ٻوب ليلا جا ٻاٻڌ ٻندوق جي گولي نا سمجهن ۽
سمجهندا هئا - مطلب ت اهو اڇوت انساني جسم ۾
رهندي ٻ حيوان کان ٻدتر حالت ۾ رهندو هو - اڳي
استري شڪشا ڌرم وروڌ سمجهي ويندي هئي -
استري شڪشا کي ٻاڪڻي ٻڌن ٻاپ ڪري ٻڌائو
هو - ڇو ت استرن مان ڪي ت سڌن سک جا ساڌن
ٻورا ٿيڻا هوا انڪري جي اهي وڌيا ٻڙهڻ لڳنديون
۽ ڪجهه عقلي دليا ۾ ٻيو رڪنديون ت سڌن ٻاڪڻ
ٻارون ٻٽجي ويندو - اهو ويچار ڪري انهن استري
شڪشا ۾ اچائي ٻڌائي - استرن کي شودر ۽ ٻيو جي
جتي سان مشابهت ڏني ويندي هئي -

انڪانسواءِ ٻيون ٻ ٻتيرا ون ت. اوٻون رسمون
ٻرچلت هيون جن جي ٻڌڻ سان ويچار لو اچي ت ڪيئن
ماڻهو ان وقت زندگي بسر ڪندا هوندا - سچ ٻچ ت
ان وقت جا ٻارڙواسي انسانيت کان ٻالڪل ڪري چڪا
هئا - جو ڀارت دٻش ساري دنيا جو سرتاج هو!
جنهن ڀارت دٻش ساري سنسار کي سائنس جو سبق

سيکاريو! جڏهن ٻئي پورب دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ستيه ڌرم جو آواز ڦهلائي دنيا کي سچائي کان سڀڪو دوش ڪيو! سو ديش ڀارت گراوٽ ۾ وڃي وسيو هو - ؟ دنيا جي سڌريل قومن جي نظر ۾ هڪ جهنگلي جي حيثيت ۾ وڃي رهيو هو - تمام دنيا ڀارت کي هڪ جهنگلي قومن جو ملڪ سمجهي رهي هئي - ستيه ڌرم جي بدلي الٽي اوديا ۽ اگيان جو اونڌهه. انڌوڪار ڇانئجي رهيو هو - ڪئين قسمن جا استيه، ٻڌمت مذهب ۽ فرقا ڦهلجي چڪا هوا -

ڪئين ٻڌ سمون ڀارت ۾ نرچلت ٿي چڪيون هيون - ڀارتواسي حيوانن کان بدتر زندگي بسر ڪري رهيا هئا - اهڙي طرح شاستراڪ اوستا بہ نشٽ ٿي چڪي هئي - مطلب تہ چئن ورڻن جا انسان پنهنجن فرضن کان وِمک ٿي چڪا هوا -

آتمڪ اوستا تہ ان کان بہ وڌيڪ نشٽ ٿي چڪي هئي - ماڻهو ايشور ڀڳتي کان وِمک ٿي چڪا هئا - انوقت ڇا هئي ماڻهن کي خبر تہ آتمڪ اُنتي ڪهڙي بلا ٿيندي آهي؟ انهن تہ انڌويشواس ۽ جهالت کي ئي ڪري آتمڪ اُنتي سمجهيو هو - ڌارمڪ اوستا جو تہ ورڻن ڪرڻ ئي گويا هڪ گرنٿ رچڻو آهي - ماڻهو ستيه ڌرم کان منهن موڙي نوان نوان ٻڌمت

جاري ڪري ڇڏيا. نوان نوان مذهب ۽ مت مٽائڻ
ڀارت ۾ ڦهلجي چڪا هئا - جن ۾ قوت ۽ فساد کان
سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. ماڻهو الهن وڌرمين جي
چنبي ۾ وڃڻ لڳا. پاڻ وٽ ٽڪا باقي برهمڻ ۽ ٻوراڻڪن
جي گهڻن گهوڙن وڌرمين کي هٿي ڏيئي ڇـڏي
وڌرمي برهمڻن ۾ گهوڙن جو اظهار ڪري هندو ڌرم
تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ لـڳا اهڙيءَ زماني ۾ برهمڻن جو
اهڙو پرچار هو جو ماڻهو برهمڻن جي گهوڙن کي ويدجي سکيا سمجهڻ
لڳا. وڌيڪ وڌرمين جي اعتراض ۽ ٻوڏ پيلاجي ظلمن ڪري هندو
ڌرم جا سوان ٻيا وڌرمين جو اڪ ٽيڙڻ لڳا - نيل ڪنت جهڙا
شاستري به ان ٻوراڻڪ ڌرم جي گهوڙن کان بيزار ٿي عيسائي
مذهب ۾ وڃڻ لــڳا. نيل ڪنت شاستري بائيبل
(عيسائين جو مذهب ڪتاب جو سنسڪرت ۾ ترجمو
ڪيو ۽ ڀارت جي سڀني ٻولين کي کليو چٽيلنج ڏنو
ته برهمڻن جي تعليم ڪوڙي آهي- اهڙي ته اچي حالت
پئي جو الوقت جا عيسائي پرچارڪ کليو چـوڻ لڳا
۽ ولايت ۾ وقلڻ لڳا ته جهڙي رفتار سان هندو هن
وقت عيسائي مذهب ۾ اچي رهيا آهـن ، ان طرح
جي اهڙو ئي حال قائم رهيو ته هڪ - سو سالن جي
اندر اندر سڄو هندستان اسين عيسائي بڻائي ڇڏينداسون
سنسڪرت کان ناواقف ويد جي اصليت ۽ خواي

کي نہ سمجھي ويد جو غلط ترجمو ڪرڻ لڳا- جنھن
جي آڌار تي پوراڻن ودوان ويد کي گڏرن جا
گيت چوڻ لڳا ۽ آرين کي هڪ جهنگلي قوم سمجهڻ
لڳا- ويد شاسترن جي ٽالي تي اڌرم پاپ ڪيو
ويندو هو- پاکنڊي پنھنجو پاکنڊ ويد جي ٽالي تي
سڌ ڪرڻ لڳا- پلا جن ويچارن ابوجهن کي خبر ئي
نہ هجي تہ ويد ۽ شاستر ڇا آهي؟ ڌرم ڇا آهي؟ ۽
فقط اهو ئي چاهيندا هجن تہ ويد اسانجو مانيہ ڌرم
گرنٿ آهي- تنڪري جو انھن پاکنڊي پنڊتن ڪوڙا ڪوڙا
سنسڪرت ۾ ٺاهي پڌايا ۽ چيو تہ اهي ويد جا واڪيہ
آهن تہ پوءِ پلا اهي ابوجھہ ڪيئن نہ قبول ڪن- ھنن
کي ڪهڙي خبر تہ هي انسان جي وس ۾ شيطان
بدي پنڊت جي روپ ڪنڊت ٿي انسان کي اہ ڪاري
رهيا آهن- هنڌجي دماغ ۾ تہ سمت وچن مهراج جو
سکو چاول هو- هنڌجي ليکي تہ اهو پاکنڊ جو
ويد جي ٽالي تي پڌايو ٿو وڃي سو بہ سچ هوندو-
سو سمت وچن مهراج! چئي مڃڻ لڳا- انھن پنڊتن
سنيہ ودوا ڪان محھن موڙي ڇڏيو- ۽ نوان نوان
پنٿ ٺاهي پاکنڊ ۽ پراڻن جهڙا پاکنڊ سان ڀريل پستڪ
تيار ڪري انھجو پاٺ ڪرائڻ لڳا- جن جاڻن تي
اڳي ويد ودیا جو پاٺ ٿيندو هو اتي پراڻڪ پاٺ

جي اوڌيا روپي پسڻ جو پاٺ اُپجڻ لڳو - پاڪدامن
ايشور جي ڀڳتي کان منهن موڙي ماڻهن کي
پٽر ۽ ماءُ جي مورتين جي پوڄا ڪرائڻ جي آڳيا
ڏني - جيئرن ماڻهن جي شيوا بدلي مئلن ماڻهن (پترن)
جا شراڌ ڪارائڻ شروع ڪرايا - ساڳوڪ پوڄن بدلي
ڪامڪ ڪاڌي گوشت ۽ شراب جو دؤر چالو ڪرايو -
ايشور جي هستي کان ونڪ رهي مورتين ۽ مهاتمائن
کي ايشور جو اوتار آکڻ لڳا - اهو سڀ الهن پاکنڊين
پنهنجي پيٽ پوڄا لاءِ ڪيو - رشين منين کي من گهڙت
۽ ڪوڙا ڪلنڪ لڳائي الهڪي بدنام ڪرڻ لڳا -
يوگيراج ڪرشن کي پوگيراج بڻائي ان جي ناليءَ تي
لوڻين وانگر ليلائون ڪرڻ لڳا - مهاپرش آدي گرنٿن
۾ نوان نوان هزارين ڪلپت شلوڪ گڏي پنهنجو
پکش سڌ ڪرڻ لڳا - پنهنجن ڪتابن ۾ اهڙيون
اهڙيون ڳالهيون لکيائون جو هڪوار پڙهڻ سان انسان
ڏاڍو مان پاهر نڪري وڃي - مطلب ته اهڙي ڪا به
نيچ ڪارروائي باقي ڪا نه رهي جا الهن پاکنڊين
پوراڻڪن ڇڏي هجي - پوءِ ڀلا پڇايو ته منهن ايترن
ڪڌن ڪارنامن هوندي پارس ڪتان ٿورڙي ڪندو -
هي منهنجون حالتون ته مون فقط مختصر ورڻن

ڪيون آهن جي سمورا ئون لکجن ٿا. هڪ ڏاڍو ڇوڙو
پستڪ جوڙي ٿوي- ڀارت جي اهڙي دردشا کي
سڌارڻ لاءِ ئي آريه سماج جي سخت ضرورت هئي.
هاڻي ويچار اهو ڪرڻو آهي ته اتريون ڪارروايون ؟
ڪرسمون جي آريه سماج کان اڳ ڀارت ۾ هيون ڏاڍو
مقابلو جو آريه سماج ڪيو آهي ته انجو ئه ته ڪو ان
کان ڙ ابد سمت ايمان هئڻ گهرجي- ڇو ته ظلم کي مٽائڻ
لاءِ هين ممڪن ٿيندو جڏهين ان ظلم جي طاقت کان
زياده طاقت ان ظلم مٽائيندڙ ۾ هجي- ان ڪري
اهو سمجهڻ ضروري آهي ته آريه سماج ۾ هڪ اڪٽ
شڪتي آهي، جنهنجي زور سان ئي آريه سماج انهن
حالتن جو مقابلو ڪيو آهي-

ان کان سواءِ ٻي هڪ ضروري ڳالهه جا الوقت ۽
هئي ۽ هن وقت ۾ آهي- اها هيءَ آهي ته مهرشي
سوامي دياند سرسوتي جن جڏهين ڏٺو ته هرهڪ
پنٿ وارو، هرهڪ مذهب وارو فقط پنهنجي ئي
مذهب جي بزرگ کي اوچو درجو ڏئي ٿو-
مسلمان حضرت محمد کانسواءِ ٻئي کي زياده
عزت ڏيئي نٿا سگهن- ۽ سک ۾ گرو نانڪ
کانسواءِ ٻئي کي گرو تسليم نٿا ڪري سگهن- پوراڻن
جي عزت جي حد ڀڳوان پڻ ناٿن محدود آهي-

عيسائي جو دائرو ميلاپ ڪرائيست (يسوع مسيح)
ڌاڻين ڌڪ ڏنو وڃي. هرڪو مذهب ائين ڀانئي ٿو ته
نجات يا موڪش حاصل ڪرڻ لاءِ سندن پوئلڳن ۾
ايمان آڻيو. انهيءَ سان گڏ ٻين ۽ پوئلڳن جي سکيا
ماڻهن کي ڌرم کان ماڻ ڪيئي ڇڏيو. ورڻ ۽ ٻيا سچا
ٻڌڻ ٻيٺي. هندو سماج جا اصول وڏا ورڻ ۾ ٻيا.
مطلب ته هندن ۾ سوڀ ٻيڙي ڪري ٻيا جن جي
غلط پرچار جي ڪمزوري وڌرمين کي هڪ پاسي هٿي
ڏني ۽ ٻئي پاسي هندن جي ڌارمڪ نوڙي سنسارڪ
جيون کي صفا پٽ ڪري ڇڏيو. اهڙي اوسٿا ۾
اصل سچي وندڪ ڌرم جي پرچار جي سخت
ضرورت هئي جنهن لاءِ مهرشيءَ جن ويچار ڪيو ته
اهڙي ڪا سوسائٽي کڙي ڪجي جنهن ذريعي ويدن
جي سچن سدانتن کي لوڪن اڳيان رکجي ۽ هندو
ڌرم جي وڪرال حالت کي وري اڏيو ڪجي جا
سڀني مختلف مذهبن جي پيروڪارن کي ان تنگدلي
مان ڪڍي هڪ ڪشاده دل پليٽفارم تي گڏ ڪري
۽ سڀني کي هڪ ايشور ڏي مائل ڪري ۽ کين ٻڌائي
ته سڀني جو جوڙيندڙ هڪ ايشور آهي ۽ سندس
گيان روپ پرڪاش وڏو آهي. سڀني مهاپرشن کي
ان ايشور الهام ڪيو آهي. ۽ سڀ ٻڌڻي ٻڌڻي

وقت تي چڱو ڪري ويا آهن. انهن ڪوتاهي نه انهن
کان وڌيڪ ڪو ٿي اٿو سگهي. انهن کان وڌيڪ
۽ اوچي ڪوٽي جا ودوان انهن کان اڳ ٿي گذريا
آهن ۽ انهن کان به وڌيڪ ۽ اهڙا وقت وقت تي
پيدا ٿي سگهن ٿا. انڪري اها ڳالهه به ضروري هئي
جنهن لاءِ آريه سماج جي ضرورت هئي.

ان طرح اهو سمورو حال هن ڀارت ورش جو هو.
انهن سڀني ڳالهين کي مدنظر رکندي مهرشي سوامي
ديانند جن ويچار ڪيو ته ائين نه ٿئي جو مونکانپوءِ
منهنجو هي شروع ڪيل شڀ ڪارج مون تائين محدود
رهجي وڃي ۽ مون کان پوءِ بلڪل بند ٿي وڃي
ان لاءِ اهو ضروري آهي ته اهڙي ڪا سماج کڙي
ڪري ان جا نيم اهڙا ٺاهجن جي نه فقط ڀارت ورش
لاءِ پر ساري سنسار لاءِ لاڀدايڪ هجن. اهو ويچار
ڪري مهرشي سوامي ديانند سرسوتي جن تاريخ ۵
اپريل ۱۸۷۵ع جي ممبئي ۾ آريه سماج استاپن ڪئي
۽ پنهنجي شڀ ڪارج جو سمورو ڀار آريه سماج جي
ڪلهن تي وڌو. جنهنکي آريه سماج اڄ تائين خوش
اسلوبيءَ سان نڀائيندي ٿي اچي.

مهرشي سوامي ديانند جن کانپوءِ آريه سماج مهرشي
جن جي ٻڌايل پروگرام تي عمل ڪري ڪيترو ڪم
ڪار ڪيو تنهنجو ورڻن ڪرڻ ته قلم جي قوت کان

ٻاهر آهي- آريه سماج ان آڳيان ٿي عمل ڪري ابڏو
اڇوتن ۾ آتمڪ ڪار ڪيو آهي- جنهن کي ڏسي
سڄي دنيا حيران آهي.

اڄ اگر آريه سماج جو ڪو پرچارڪ آمريڪا ۽
يورپ ۾ پهچي ٿو ته ويدڪ ڌرم جي وجيه جو ڏاڪو
وڄائيندو ٿي واپس اچي ٿو- اگر آفريڪا ۾ وڃي ٿو ته
اتي جا آدمي ان کي وري اچڻ لاءِ آتو ڪن ٿا.
اهڙو اهو ڪارڻ آهي جو آريه سماج سڀني جو پرچار ٿي
ڪري- آريه سماج جي هرهڪ نيم جي اندر سچائي
ڪوٽان ڪوٽ ڀريل آهي. آريه سماج جي نيمن ٿي
ٿي نگاهه وجهڻ سان پتو پوندو ته آريه سماج جا اصول
ڪيڏا نه وسيع ۽ ساري سنسار جي لاءِ لاڀدايڪ آهن
آريه سماج جو هڪ اصول آهي ته سچ کي گرهڻ ڪرڻ
۽ ڪوڙ کي تياڳ ڪرڻ ۾ هميشه تيار رهڻ گهرجي.
آريه سماج فقط هندو جاتيءَ کي سڌار ڪرڻ لاءِ ڪانهي،
پر ساري سنسار کي سڌار ڪري ويد روپي سچي
لائيٽ هائوس کي دنيا ۾ چمڪائڻ لاءِ آهي- آريه
سماج ساري سنسار کي شانتي پٿ ڏي وٺي وڃڻ
چاهي ٿي. اگر ڪنهن به پنٿ يا مذهب ۾ ڪا سچائي
آهي ته انکي قبول ڪري باقي ڪوڙ ۽ ڪوڙن کي
ڪلي ٿڏو ڪرڻ ٿي چاهي. ڪوڙن مذهبن ۽ پنٿن
جو پول کولي ڪين سندن سو روپ ڏيکاري ڪين سڀني

قبول ڪرائڻ لاءِ تيار ٿي ڪري. پر دنيا کي ڪوڙ ۽
پاکنڊ جو مزو وٺي ڏنو آهي. انڪري ان پاکنڊ ڪندڙ
مڙي کي ڇڏڻ لئي چاهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو
سڄي دنيا جا مذهب-پنٿ آريه سماج جي مخالفت
ڪن ٿا، ۽ آريه سماج کي هڪ فسادي سوسائٽي
سمجهن ٿا. ڀلا ڇو نه سمجهن جڏهين هو سچائي کان
خالي آهن. جن ۾ سچائي هوندي آهي، اهيئي سچ جو
قدر ڪندا آهن. هنن پاکنڊ جي ذريعي گهڻوئي مزو
ماڻي ڏنو آهي سو هاڻ جو هندن اڳيان سچائي جو
سوروپ رکيو ٿو وڃي ۽ ڪين ان گهور ننڊ مان اٿارو
ٿو وڃي ته هو پيو نه سهي گهٽ ۾ گهٽ گاريون
ڏيئي پاڻ خوش ڪري سگهن ٿا.

هڪ دفعي ڪو شاهوڪار رات جو غلطيءَ کان گهر
جو ٻاهريون دروازو کليل ڇڏي سمهي پيو. گهر ۾ فقط
۲ پاڻي پئسي پاڻ ۽ سندس استري هئا. رات جو جڏهن
پهريدار پهرو ڏيندو ان شاهوڪار جي گهر وٽ پهتو،
ته دروازو کليل ڏسي شڪ کائڻ لڳو ته الائي شاهوڪار
کان ڀل ٿي آهي يا چور دروازو کوليو آهي. هاڻي جي
شاهوڪار کي سجاڳ نه ڪبو ته سندس اپاڌي ٿيندي.
اهو ويچار ڪري پهريدار شاهوڪار کي آواز ڪرڻ لڳو،
شاهوڪار کي ته ڪا گهري ننڊ هئي پاڻ سندس
ترمتي سڏ ٻڌي سجاڳ ٿي ۽ پنهنجي مڙس کي جاڳائڻ

لڳي ۽ جاڳائي ڇڏائينس ته ٻاهر پهريدار آواز ڪري رهيو آهي. اهو ٻڌي مڙس غصي ۾ ڀرجي سڌو ٻاهر آيو. پهريدار کان پڇيائين ته ڇا آهي؟ ڇو ٿو سڏ ڪرين؟ پهريدار چيو ته سائين توهانجي گهر جو دروازو کليو پيو هو- مون چيو ته جاڳائي توهان کي اطلاع ڏيان ته خبردار رهو. اس وچاري پهريدار جو اهو چوڻ ۽ ان شاهوڪار جو شهه ۾ اچڻ- ٺڪا ڪيائين هم ٺڪا ٺم ۽ جهٽڻ جو هو پهريدار ايترو هو ليٽڻ ٻه ٽي چماٽون لڳائي ۽ گاريون ڏيندي چوڻ لڳس ته ڪمبخت! دروازو کليل ڏٺهو! چوري ٿئي ها ته ٻ ڏٺهو! ٺڪن ۾ ٺهڪڻو ڇا؟ تو مونکي جاڳايو ڇو؟ مان مڙي جي ننڊ ۾ سمهيو پيو هوس، تو مونکي سجاڳ ڇو ڪيو؟

اس بلڪل ٺيڪ ان طرح باقي دنيا جو به حال آهي. آريه سماج هندن کي سجاڳ ٿي ڪري. هندن مان ٻه رسمون ڪڍڻ ٿي چاهي- پر هندو ان جي جواب ۾ گاريون ۽ زهر ٿا ڏين. مسلمانن کي سچائي جو سچو سروپ ڏيکاري ٿي ۽ انهن کي مذهب جي تنگدلي مان ڪڍڻ ٿي چاهي- پر مسلمان انجي جواب ۾ خنجر ۽ پستول ٿا ڏين آريه سماج عيسائن کي اصليت ڏي آڻڻ ۽ مادي پرستي مٿان ايشور پرستي ڏي آڻڻ ٿي چاهي- پر عيسائي انجي جواب ۾ انجي هستي مٽائڻ ٿا چاهين. الطرح تمام دنيا کي جاڳائيندي آريه

سماج تي اهڙا حملا ٿين ٿا. پر آريه سماج کي انهن مصيبتن جي پرواهه ڪانهي. ڇو ته آريه سماج سچائي تي قائم آهي. آريه سماج کي وشواس آهي ته جي اڄ خنجرن ۽ گولين جي برسات وسائي رهيا آهن اهي نيٺ ڪنهن ڏينهن گلن جي ورشا ڪندا ۽ پيار ائين ٿي آهي. آريه سماج تي اهڙن مصيبتن اينديءَ به آريه سماج جو ڪاريه ڏينهن ڏينهن تيز ٿيندو رهيو آهي. دنيا ان جي سچائي جي اڳيان سر جهڪائي رهي آهي. اڄ هندو آريه سماج جي هرهڪ ڪاريه ۾ شامل ٿي انکي ڪامياب بڻائي رهيا آهن. مسلمان پنهنجي مذهب مان خرابيون ڪڍڻ لاءِ تيار ٿي رهيا آهن. عيسائي ته ان کان به ڪسر ڪڍي ويا آهن. ڪيترا عيسائي، پادري ۽ ودوان مذهبي دنيا کان الڳ ٿي ويدڪ ڌرم ۾ پرويش ڪري رهيا آهن. آريه سماج جي ڪري اڄ سڄي دنيا ۾ انقلاب اچي ويو آهي. دنيا اٿي سجاڳ ٿي آهي. سچائي جا آريه سماج جا گڻواد ڳائي رهيا آهن.

اڄ آريه سماج جي آندولن ڪري برابر ١٣-١٤ لک آريه سماج جا ميمبر آهن جن ۾ وڏا وڏا معزز ماڻهو راجائون مهاراجائون ديوان جج ۽ وڪيل به شامل آهن. ترقي جي ڳالهه اها آهي جو جتي ١٩٣٦ ۾ فقط سايا ڇهه

لک کن ميمبر ھئا اٿي ١٩٣٨ ۾ ١٣-١٤ لکن جي تعداد ۾ ٿيا آھن.

ھاڻي ھن ڪانگريس فقط اھو ڏيکاريو آھي ته ھن کان اڳ جو پارٽي جي اري دشا آريہ سماج کان اڳ پڌائي وڌي آھي، ان لاءِ آريہ سماج جا ڪيترو آھي. ان جو وستار لکڻ ھن چوٿين ٽرئڪٽ ۾ ته شايد ناممڪن به ھجي، ان ڪري مختصر لکي قلمبند ڪنداس.

(١) سڄي دنيا جي اندر اٽڪل سترھن سو کن آريہ سماجون آھن جي پنھنجي پنھنجي حد اندر جاتي ۽ ملڪ جي سيوا ڪري رھيون آھن.

(٢) ساڍا اٺ سو کن آريہ سماجن کي پنھنجا مندر آھن.

(٣) پ سو کن سوسائٽيون، ايتائي سو کن نروائين، ڏيڍ سو کن سنياسي ۽ ڏھاڪو کن سو اپديشڪ وياکياتا ۽ پرچارڪ آھن جي ڌرم پرچار ڪندا رھن ٿا.

(٤) ڏيڍ سو کن انات آلي آھن جن ۾ ھزارين انات بالڪ اچھو وڌي رھيا آھن. وڏا رو مفت دوائون ڏيندڙ دواخانا آھن. گروکل ڪانگڙي ۾ ته آپريشن وغيره به ڪيو ويندو آھي. الھن ۾ لکين اپار شفا پاپ ٿي رھيا آھن.

(٥) آريان جا پنھنجا ۽ ٻيا جي آڏيان چاليھارو بارھن ۽ سوا سو پٺشالائون آھن. جن مان انگريزي آدمي

لاءِ وٺي رهيا آهن. اجمير ۾ هڪ شاهي ”ويدڪ ينترآليه“ آهي جنهن ۾ خاص ڪري ويد ۽ مهرشي سوامي ديانند جن جا گرنٿ ۽ ٻاقي ويدڪ گرنٿ ڇپيا رهن ٿا.

(٢) لکنؤ ۾ آريه ڪو آپريٽو بئنڪ آهي.

(٧) ٻه يوگ منڊل آهن جن ۾ پراچين يوگ وديا سيکاري وڃي ٿي. ٽي سنياسي پاٺشالائون آهن.

(٨) هندي ۽ اردو، انگريزي، گجراتي، سنڌي تيلگو وغيره ٻولين ۾ روزانيون، هفتيوار ۽ ماهوار اٽڪل ستر ڪن اخبارون آهن جي پڙهي لکين ماڻهو لاڀ وٺي رهيا آهن.

(٩) سڄي ڀارت ورش ۾ آريه سماج جي آڌين ٨ ڪاليج، ٤-٥ هاءِ سڪول، ١٦٠ انگريزي مڊل سڪول، ڏيڍ سؤ کن ناري پاٺشالائون. ٽيهه گروڪل، ٻه ڪنيائن جا ڪاليج ۽ ٢ ڪنيائن لاءِ هاءِ سڪول آهن. انهن سڀني ۾ لکين وديارٿي وديا گرهڻ ڪري رهيا آهن. انهن سڀني تي اٽڪل چاليهه لک روپيا ساليانو خرچ اچي ٿو. انکانسواءِ ڪيترا اُپديشڪ وديالي آهن جن ۾ ڌرم پرچار لاءِ اُپديشڪ تيار ڪيا ويندا آهن. اندازو لڳايو ويو آهي ته هندستان آريه سماج اٽڪل ست ڪروڙ روپيا فقط وديا پرچار تي خرچ ڪيو آهي.

(١١) اناٿ آليه ڪيترائي آهن جهڙوڪ فيروزپور،

اجمير، آگرو، اُدئپور، لکنئو، لاهور وغيره. فقط اجمير جي ديانند اناٿ آلي ۾ ۲ هزار کن اناٿ اُجهوو ٿي رهيا آهن.

(۱۲) پنجاه کن وڌوا آشرم آهن. جتي ڪي هزارن غريب ۽ اناٿ استرين ۽ وڌوائن رهن ٿيون ۽ انهن جي مرضي سان سندن شادي به ڪئي ٿي. ٿيسن انهي ڪين هٿ جو هنر سيکاريو وڃي ٿو.

(۱۳) شڌي سڀائون به انيڪ آهن. جي شڌي جو ڪم ڪنديون رهن ٿيون. جن ۾ ديانند سالويشن مشن هوشيارپور هڪ زبردست ڪم ڪري رهي آهي ۽ ودرمين کي نون ڇپائي رهي آهي. شڌي جو ڪم زور شور سان ڪيو ٿو وڃي. خبر پوي ٿي ته ڪا استري يا پرش انوا بالڪ ودرمين جي ڇٽي ۾ ڦاٿو آهي ته آريه سماجي انهي جاچ پڇاڙ. مارواڙ ۾ ڏڪار وقت عيسائين هندن کي هڪ هڪ مڻ اناج ڏيئي ڪانئن عيسائي ٿيڻ جو اقرارنامو اناج ادا ڪرڻ ڪانئن جو لکائي ورتو. اها خبر جڏهن لاهور ۾ پهتي ته انهن آريه سماج مان فقط ۲ جڻن کي ۴-۵ هزار روپيا ساڻ ڏيئي اتي موڪليو ويو. انهن ۵-٦ ڏينهن ڪم ڪري سان اوار وانه هزار عيسائين کي واپس هندو ڌرم ۾ آندائون. ان ڏينهن ۾ هڪ عيسائي پادري جو آمريڪا کان ڀارت ۾ آيو هو تنهن اهڙو زبردست ڪارو آريه

سماج جو ڏسي ۽ آمريڪا واسين وچڻ لي آلي عيسائي
مشن کي ٻنڌ ڪئي ته هاڻي هندستان ۾ عيسائي
مذهب جو پرچار ڪري نٿو سگهي. هاڻي هندستان ۾
پئسو خرچ ڪرڻ فضول آهي ڇو ته آريه سماج تمام
زور سان ترقي ڪئي آهي ۽ انسان جي هرهڪ ڪرم جي
اڳيان رڪاوٽ ٿي رهي آهي ۽ هندن جي ٻڪي
پداه ٿي چڪي آهي.

جي عيسائي آريه سماج کان اڳ هندستان کي سو سالن
جي اندر عيسائي ٻڻائڻ جا ٻڙنگ ماريندا هئا، انهن
جا اهي خيالي پلاءُ هن جا ڌڪڙائي آريه سماج جي
آندولن ڪري اوندا ٿي پيا آهن.

اڄ ماڻهو آريه سماج جا مشتاق ٿي رهيا آهن. ڇو
جو هو سمجهڻ لڳا آهن ته آريه سماج هندن جي همت لاءِ
ڪشالا سهي رهي آهي. ڏينهون ڏينهن آريه سماج ۾
ماڻهن جي شردا وڌندي وڃي ٿي. ان ڪانسواءِ پنهون
جي هيٺريون هزارن آريه سماجون آهن جڏهن ته لکين
روپيا ساليانو خرچ اچيٿو. جي شردا نه هجي ته ڪيئن
ايترو سارو خرچ پورو لٿي! جي شردا نه هجي ته
ڪيئن سنت ڪروڙ روپيا آريه سماج وڌيا ٻڏائڻ لي
خرچ ڪري ها. شردا نه هجي ها ته ڪيئن هڪ
مهاراجا ٻهڏي راجڪمار جي شپ وواه لي سنت لک
روپيا دان آريه سماج کي ڏئي ها. جي شردا نه هجي

نہ هيترو سمورو ڪاريہ جو آريہ سماج ڪري رهي آهي سو ڪيئن ٿئي ها. ان مان ثابت آهي تہ آريہ سماج جي سچائي ماڻهن جي دماغ تي خوب اثر ڪيو آهي. خوبي تہ اها آهي جو آريہ سماج ان سموري دان جو اپيوگ ڪري ۽ پائي پائي جو حساب عام جنتا جي سامهون رکندي رهي ٿي ۽ خرچ مان سنسار جي سيوا ڪري رهي آهي.

هن ڌرم تي اگر وڌرمين جي طرفان خواه عيسائين يا مسلمانن جي طرفان ڪو حملو ٿئي ٿو تہ سناتن ڌرمي جي پاڻ کي ڌرم جو ٺيڪيدار ٿا سمجهن، ڪنهنکي بہ همت نہ آهي جو انجو جواب ڏيئي مقابلو ڪري سگهي، پر آريہ سماج ئي آهي جا وڌرمين جا ڏند کٽا ڪيو وجهي. آريہ سماج جي ڪاريہ سان اڄ هندن مان مورتي پوڄا جو پاڙ کٽو منجهي چڪو آهي. شرادن ڪارائج کي هڪ اجايو رنگ سمجهي رهيا آهن. ڪرسمون منجهان لڳيون آهن. ويد پاٺ عام طرح ٿي رهيو آهي. جنم پترين جا پوءِ ۽ منترن تنترن جا ڏوا ڏرڪ ٿيڻ لڳا آهن.

آريہ سماج اڇوتن جي اڌار لاءِ لڙي، ان شيءِ ڪاريہ کي گانڌي ۽ همٿ بہ ڪنيو. راجائن ۽ مهاراجائن ان ڪم لاءِ سيوا ڪئي. هيئنر اڇوتن کي ڪيترا حق ملي رهيا آهن. پراڻي نفرت وڃندي رهي. خود سناتني

۽ ان ڪارڻ ۾ ٿوري ٻيا آهن. سندن ڌرم پرتنڌي سڀا لاهور جي سيڪريٽري گوسوامي گڻيشدت لاهور ۾ مهاتما گانڌي جي ٧٢ جنم ڏڻ تي ڳالهائيندي چيو ته ”اسان هندن کي شرم اچڻ گهرجي ته جڏهن ڄاڻيءَ جي شرومڻي شري رامچندر مهاراج هڪ اڇوت ڀلڻيءَ جا جوٺا ٻير پريم سان کاڌا ته ڇا اسان کي شرم نه ايندو جو اسين ان مهارش جا ڀڳت سڏائيندي ۽ اڇوتن کي گلي نه لڳايون“ وغيره. ان طرح وڌوا وواهه جو ڪارڻ استري شڪشا ۽ شڌي وغيره ۾ ۽ سناتني ۽ ٻيا حصو وٺڻ لڳا آهن. جو ڪم آريه سماج ڪرڻ چاهي ٿي تنهنکي باقي ماڻهو سٺي نظر سان ڏسن ٿا ۽ ان ۾ حصو وٺن ٿا. اهو ڪارڻ آهي جو چيو وڃيٿو ته ڀائي! آريه سماج کي جو ڪجهه ڪرڻو هو سو ڪيو. ۽ باقي ٻيا ان تي عمل ڪري رهيا آهن انڪري آريه سماج جو پروگرام پورو ٿيو، پر اهين غلط آهي. آريه سماج هيستائين جيڪي ڪجهه ڪيو آهي سو تمام ٿورو آهي. آريه سماج کي اڃا گهڻو ڪجهه ڪرڻو آهي. آريه سماج جو پروگرام اڃا لنبو چوڙو آهي. ڀارت ۾ ڪانگريس جي ضرورت تيستائين آهي جيستائين سوراج ملي. سوراج ملڻ کانپوءِ ڪانگريس جي ڪا ضرورت ڪانهي. پر آريه سماج جي تيستائين ضرورت آهي جيستائين ساري سنسار ۾ شانتي استاپن ٿيندي ۽ گهر

گهر ويد ٻاهر نڪرندو ۽ دنيا مان اگيان مٽجي ۽ گيان جي گنگا وهڻ لڳندي. آريه سماج ساري سنسار ۾ شانتي استاپن ڪرڻ، سچي ڌرم جو پرڪاش ۽ ويد جو پرڪاش ڪرڻ چاهي ٿي. ان ڪري آريه سماج جي تمام سخت ضرورت آهي.

انڪري سڀني کي آريه سماج سان پريم رکڻ گهرجي. آريه سماج جي هرهڪ سڌانت ۽ ڪاريه کي گهري نظر وجهڻ گهرجي. مخالفن نظر سان ته سڀ غلط نظر ايندو پر گهري نظر سان ۽ عقل سان جاچڻ کي پتو لڳندو ته آريه سماج جي هرهڪ ڪاريه ۾ خوبي آهي. آريه سماج ڪو نئون ڌرم يا پنٿ ڪونهي. پر آريه سماج ته پاڻ پنٿن ۽ مذهبن جي جڙ پٽڻ ٿي چاهي.

سائنس چوي ٿي ته هرهڪ ڳالهه جو تجربو ڪريو جا ٺيڪ هجي قبول ڪريو. ان طرح سڀ متر آريه سماج جي هڪ هڪ نيم ۽ ويدڪ ڌرم جو تجربو ڪن جي تجربي کي اوهان ثابت ٿئي ته قبول ڪن.

چو ته سچائي قبول ڪرڻ لاءِ هميشه تيار رهڻ گهرجي. اهو آريه سماج جو هڪ نيم آهي، انڪري جا سماج سچائي جو پرچار ۽ پرڪاش ڪري انجي تمام سخت ضرورت آهي، انڪري آريه سماج جي ته تمام سخت! سخت!! سخت!!! ضرورت آهي.

اوم شانتي

॥ ओ३म् ॥

# ايشور جي هستي

(گنگارام سمراٽ)

ان ماڻهوءَ کي جيڪر ڪهڙو نه مورک چئبو جيڪو اچي اهو سوال ڪري ته ايشور جي هستي آهي؟ اهو ته ائين آهي، جيئن ڪنهن جڳهه جي اندر سورج جي روشني ڏسان مان ڏسي ڪو چوي ته هيءَ ڇا جي روشني آهي؟ جهڙيءَ طرح اهو سوال ان سوال ڪندڙ کي مورک ثابت ڪري، اهڙو ئي ٻيو به سوال هي آهي - ڇو ته جا شيءِ موجود هجي انجي لاءِ سوال ڪرڻ ته هي آهي؟ مورکتا آهي - پر عام ناستڪ لوڪ ائين سمجهندا آهن ته ايشور ڪونهي ۽ دنيا پنهنجو پاڻ ٿي ۽ ڪم ڪري رهي آهي.

ڪنهن به شخص جي اڳيان ڪا سبق جي مشين رکي ۽ چئجي ته هيءَ مشين ڪنهن ٺاهي ڪانهي، خود بخود ٻرڪري جي زور سان ٺهي پئي آهي - ته هو جيڪر ڪڏهين به قبول نه ڪندو ۽ ضرور ائين

ٿي چوندو ته نه. انهن نٿو اچي سکهي- سواءِ ڄاڻيندڙ جي
وري ڪيئن ٿي سکهندي- انهن اوزار آهـي يا نه؟
هر ڪو قبول ڪندو ته اوزار انهن ٿي آهـــي- ضرور
ڪنهن ڄاڻي. هوندي. جڏهن اهـــڙي معمولي مشين
جي ڄاڻڻ لاءِ به ضرور ڪنهن چٽن شيءِ ڄاڻيندڙ جي
ضرورت آهي ته پوءِ هـي شرير جهڙي مشين تمام
ڏکڙي ۽ وچتر آهي، جنهن لاءِ تمام دليا پـــر جا
سائنسدان جي هيٺري ٽڪي ڪري ٿڪا آهن پر تڏهن
به شرير جي مشين کي اوزار نه سمجهي سگهيا آهن ۽
ٿڪي رهيا آهن ته هي انسان جي شرير جي مشين اها
اوزار اسانجي سمجهه ۾ نه آئي آهي" اهڙي وچتر مشين
لاءِ ڇـــا ڪنهن چٽن شڪتي جي ضرورت ناهي؟
ڇا ان لاءِ انهن نه ڇٽي سگهبو ته ها ضرور ان مشين
لاءِ به ڪو ڪاريگر هوندو؟ بس، ان هـا جي جواب
۾ ٿي اها شڪتي آهي، جا اهڙو ڪم ڪري رهـــي
آهـــي، جنهنکي انسان نٿو سمجهي سگهي، اها ئي
شڪتي ايشور آهي.

انسان جيڪي به ڪجهه ڪري ٿـــو ۽ سوچي ٿو
انجي انکي پوري خبر ڪانهي، هو اهو نٿو سمجهي
سگهي ته آخر ڇا ٿيندو ڇو ته انسان الپگيه آهـــي-
الپگيتا جي ڪارڻ هو ڪڏهن به ڪنهن ڪم ۾ پاڻهجي
وچار موجب ڪامياب نٿو ٿئي- انهن ضرور آهي ته

انسان انڪري ٻڌي ناٿڪي الهڳي. (اورو چاٿيندڙ) سمجهي ۽ ڪڇي. ويچار نه ڪري ۽ نا اميد ٿي نه ويهي رهي. پر مطلب ڇا آهي نه ايمان ۾ پڪي ڪڏهن نه انهن نٿو ڇڏي سگهي. خبر نه آهي نه جيڪي اسين هيٺ سوچي رهيا آهيون. انجو آخر نتيجو ڇا نڪري. اهو سڀ انسانجي ڪرم پوگي چڪر ٿي منحصر آهي. ڪجهه سال اڳ يورپ ۾ ٽائيٽنڪ نالي هڪ ڙ انگريز شاهي جهاز هزارها ماڻهن جي ڪٺي لاءِ تيار ڪيو ويو ۽ سڄي دنيا جي جهازن جو رڪارڊ ٽوڙيو ويو. انسان ۾ پڪي اهو جهاز سواري ڪٺي سمنڊ ۾ آيو. پر پوءِ ڇا ٿيو؟ ٿوري ٿي سفر ۾ اهو جهاز هڪ برف جي ڇپ سان ٽڪرائي ٽڪر ٽڪر ٿي پيو، ۽ آسون اميدون مٽائيندو منجهي ويو.

هاڻي سوال آهي نه ڇو نه انسان ان ڪم ۾ ڪامياب ٿيو. پا ان ڪالسواءِ اسين روز ڏسي رهيا آهيون ته، اسين ڪهڙا ويچار ڪريون ٿا. اڄ هڪڙو ويچار ڪري ان مطابق اهو ڪارج ڪريون ٿا پر وقت اچي ٿو جو اسين پنهنجن انهن ويچار ڪيل اميدن مٽان پاڻي ڦيرندو ڏسون ٿا. ان مان ثابت آهي ته، اڃا اسين الهگي. آهيون. جڏهن الهگي جي هستي آهي نه ضرور ڪنهن سرو گي، (سڀڪجهه چاٿيندڙ) جي به هستي هوندي.

ڇو ته ٻاپ جي هٿ سان ئي ته ٻج کي مٽيو ويندو؟
ٻج جي هٿ سان ئي ته ٻاپ کي قبول ڪيو ويندو -
جي ٻاپ نه هجي ته ٻج ڪيئن مٽيو وڃي - هر هڪ
جي مقابلي ۾ ضرور ڪا نه ڪا هستي آهي - انڪري
جتي الڳيتا آهي اتي سروڳيتا به ضرور آهي - ته اِس
اها سروڳيتا جي شڪتي ئي ايشور آهي -

سروڳيه جي معني آهي سڀڪجهه ڄاڻندڙ - دنيا
جي ذري ذري ۾ جيڪي ٿي رهيو آهي انکي جيڪو
هر وقت ڄاڻيندو اهو ئي سروڳيه پرماتما آهي - ذري
ذري کي ڇو ٿو ڄاڻي؟ انڪري جو هو سرو وياپڪ آهي
۽ ان ذري ذري ۾ به سمايل آهي - جا چيتن شڪتي
جدهن سمايل آهي انجي ذري ذري جو گيان انکي
ٿئي ٿو. جيئو آتما ٻڌهجي سرير ۾ سمايل آهي - انڪري
انکي اهو معلوم آهي ته مونکي فلاڻي هنڌ فلاڻي عضوي
تي ايذاءُ رسيو آهي - ٻئي جي بدن کي به ڪا شيءِ
لڳيتي ته انکي معلوم نٿيندو - انطرح پرماتما به ساري
سنسار ۾ سمايل آهي انڪري انکي به هرهڪ وستو
جو گيان آهي - هاڻي سوال آهي ته پرماتما سروو وياپڪ
ڪهڙي طرح آهي - ڪيئن ذري ذري ۾ سمائجي
۽ سڀڪجهه ڄاڻي رهيو آهي؟ انجو جواب به مان تمام
سهل طريقي سان ٻڌائيندو جدهن مان توهانکي اهو به
معلوم ڪيندو ته آرين فلاسافي ڪهڙي سولي طرح

سمجهايل آهي.

اهو پراڪرت نيم آهي ته آڌار هميشه آڌيش کان وڏو ۽ سوکشم ٿيندو آهي. جهڙي طرح پرٿوي جو آڌار جل آهي ۽ آڌيش پرٿوي کان وڏو ۽ سوکشم آهي. جل جو آڌار اگني آهي ۽ آڌيش جل کان وڏي ۽ سوکشم آهي. اگني جو آڌار وايو آهي ۽ آڌيش اگني کان وڏي ۽ سوکشم آهي ۽ وايو جو آڌار آڪاش آهي ۽ آڌيش وايو کان وڏو ۽ سوکشم آهي. هاڻي ان مان ثابت ٿيو ته جل پرٿوي کان وڏو ۽ سوکشم آهي. انڪري پرٿوي ۾ سمايل آهي ۽ اگني پرٿوي جل کان وڏي ۽ سوکشم آهي انڪري پرٿوي ۽ جل ۾ سمايل آهي. ۽ وايو، پرٿوي جل ۽ اگني کان وڏي ۽ سوکشم آهي انڪري پرٿوي جل ۽ اگني ۾ سمايل آهي. ۽ آڪاش پرٿوي جل اگني ۽ وايو کان وڏو ۽ سوکشم آهي انڪري پرٿوي جل اگني ۽ وايو ۾ سمايل آهي. پر اهي ته ٿيون جڙ وستو جي هڪٻئي ۾ وڏي ۽ سوکشم هئڻ ڪري هڪٻئي ۾ سمايل آهن. پر انهن کان به ته ڪا وڏي ۽ سوکشم چيتن شڪتي هئڻ گهرجي جا انهن سڀني ۾ سمايل هجي ۽ جنهنجي آڌار تي اهي سڀ هجن. ۽ اهي جڙ وستو خودبخود ته ڪجهه ڪري نٿيون سگهن. پٿر جي مورتي ڪڏهين به چيتن وانگر هلي چلي نٿي سگهي. انڪري اهو ضرور

مختلفي ٻوٽو ۾ ڪا چيتن شڪتي جا انهن ٻوٽن
ٽٿون کان وڌي ۽ سوکشم آهي جا انهن ۾ سمائجي
انهيڪي اوار طرح نيم ۾ هلائي رهي آهي. جهڙي طرح
مشين جا پرزا جدا جدا نيا اوار رکيا آهن پر انهن ۾
اها شڪتي ڪانهي جو خود بخود مشين ٿهي ۽ ڪم
ڪن ان لاءِ چيتن وسٿوني ضروري آهي جا اهي پرزا
هلائي نيڪ ڪري. انطرح هي ٻڌج جڙيتو ۾ هڪ مشين
جا پرزا آهن، جنکي ڏاهي نيڪ ڪري اوار روپ ۾
هلائڻ لاءِ هڪ چيتن شڪتي جي ضرورت مچطي
ٻوندي. پس اها چيتن شڪتي ئي پرماتما آهي.
جو انهن سڀني کان وڌو ۽ سوکشم آهي ۽ سڀ ۾
سمائجي ۽ سرشٽي روڀي مشين کي اوار روپ ۾
هلائي رهيو آهي. ان طرح پرماتما سرشٽي جي
ذري ذري ۾ وياپڪ آهي. جو ٻه هي سرشٽي ۾ ٻه
اهي ٻڌج ٽٿوني ٻه آهن جن مان اٺي آهي. ٻه ان
سرشٽي ۾ ئي پرماتما وياپڪ آهي. ۽ انکي اوار
روپ ۾ هلائي رهيو آهي. انطرح اسانجو شرير ۾ انهن
پرڪرٽي جي ٻڌڻ ٽٿون مان ٺهيل آهي. الڪري ان
۾ ۾ ايشور سمايل آهي.

هاڻي هڪڙو سوال جو تمام دلچسپ ۽ گمڀير ۾
آهي ۽ گهڻو ڪري عام طور ماڻهو ڪندا آهن ۽ لاسٽڪن
ٻه اڄي گهڻي ٻڌي چڙي آهي. جتي ڪٿي اهو سوال

ئي وانگر ڪندو آهي. اهو هي آهي ته ”ايشور آهي ته پوءِ ڏسڻ ۾ ڇو نٿو اچي. عام طور اهڙا جواب ته ڪافي ملندا آهن ته ” جيئن کير ۾ مکڻ موجود آهي پر ولوڙڻ کانسواءِ ڏسڻ ۾ نٿو اچي، الطرح ايشور هر جڳهه موجود آهي پر مخصوص بعدي ساڌن ڪرڻ کانسواءِ پراپت نه ٿيندو. اهڙي طرح ڪاٺين ۾ اگني موجود آهي ۽ سرهه ۾ تيل موجود آهي پر ظاهري طور ڏسڻ ۾ نٿو اچي. انڪري اهو ڪونه چئبو ته کير ۾ مکڻ ڪونهي، ڪاٺين ۾ اگني ۽ سرهه ۾ تيل ڪونهي. بلڪل ٺيڪ. جواب تمام معقول آهن. پر انهن جوابن مان نه ناستڪ مهاشيه ترپت نٿا ٿين. انڪري اچا نه زياده دلچسپ جــواب رکيل آهــي جو توهانجي پيش ڪري رهيو آهيان. جو آشا آهي ته انهن مترن جي مدورلي ۾ ڦيرو آڻيندو. عام طور اهين ماڻهو سمجهندا آهن ته ايشور ڏسڻ ۾ نٿو اچي. انڪري آهيئي ڪونه. بعدي جا شيءِ ڏسڻ ۾ نٿي اچي اها آهيئي ڪانه.

هاڻي ان سوال کي سهل ڪرڻ لاءِ پهريائين مان هڪ خالي مثال پيش ڪريان ٿو. ”هڪ ڏهاڙي ڪنهن ماڻهو مونکان سوال ڪيو ته ڀائي ايشور جي ڪري تون لڳائي ٿو پر ايشور آهي ڪٿي؟ ڏسڻ ۾ ڇو نٿو اچي؟ مون چيس ته متر گهٻرائج نه ذرا شانتي ڪر.

انهن ٻنهي مان هڪڙو اکيون ڪوڙي سان ويٺو ؟
اکيون بند ڪري ٻيءَ هن سان ڳالهائڻ شروع ڪيم.
٢-٣ سوال ڪيامانس ته ان جو جواب ڏنائين. اکيون
کولي وري پڇيومانس ته ڪهڙن مهاشيه مون جيڪي
سوال توهان کان ڪيا اهي توهان انهن ڏنا هئا؟ چيائين
ته نه، اکيون ته بند هيون تنهنڪانسواءِ سوال ته هڪ
آواز آهي سو ڏسڻ ۾ ڪين ايندو. پڇيومانس ته پوءِ
جواب ڪنهن ڏنو؟ ته چيائين ته سوال اکين سان ڏٺا
ڪونه هئم پر ڪنن سان ٻڌا هئم. تڏهن ڪلي پڇيومانس
ته پوءِ انڪري ڇاهي ڀلا تو آواز اکين سان نه ڏٺو ان
ڪري ڇا آواز هوندي ڪونه. بعدي جي توهانجو اهو ڀرم
آهي ته جا شيءِ اکين سان نه ڏسي سگهجي اها
آهيئي ڪانه ته پوءِ آواز اکين سان ڏسي نه سگهبا.
انڪري ڇا آواز به ڪونه هو؟ نيٺ مجبور ٿيو ۽
چيائين ته ها انهن جو غلط آهي.

اهڙيءَ طرح ڪو شخص ٻوڙو آهي. شاهي سڙڪ تان
وڃي رهيو آهي. ۽ پٺيان کان موٽر تمام تيز اچي رهي
آهي. ڊرائيور کي اها خبر ڪانهي ته اهو شخص
ٻوڙو آهي. خبر هو هارن وڄائي ٿو. اچي به تيز رهيو
آهي. آواز به خوب ڪري رهيو آهي. پر ان ٻوڙي
جي ڪنن تي اهو آواز ڪجهه ڪم نٿو ڪري. ته

انهو لنگهو هڪ حالت ۾ بعدي ٻرائيور جي خبرداري
۾ نه ايندو، نه نه ٻي حالت ۾ ان ٻوڙي جو
موت ايندو. هاٿي جي ٻلا ان ٻوڙي آواز نه ٻڌو نه
ڇا آواز هوئي ڪونه، نه ڪڏهين به نه، اهو نه ڪو به
قبول نه ڪندو نه، ان ٻوڙي نه ٻڌو انڪري آواز ئي
ڪونهي. ٺيڪ ان طرح ٻڙا، مترو! هرهڪ سرشٽي جو
لنو جدا جدا اندريان سان لاڳاپو رکيٿو. ڪنهن به
شخص جي هڪ اندري ناڪام آهي نه سرشٽي جو هڪ
لنو به ان لاءِ ناڪام آهي. جي ٻه اندريون ناڪام آهن
نه سرشٽي جا ٻه لنو به ان لاءِ ناڪام آهن. جهڙي
طرح انڌي لاءِ روپ (شڪل) ناڪام ۽ ٻوڙي انڌي
لاءِ شبد (آواز) ۽ روپ ناڪام آهي. انڪري انهــن
جي اندريان ناڪام هئڻ ڪري ڪو انهن ڪوله چئبو
نه اهي شيون ئي ڪونهن. هاٿي اهو ٻڌائڻ ضروري
آهي نه انهن چئو ئو لئي. چئو هرهڪ اندري جي ناڪام
هئڻ ئي هرهڪ لنو ان لاءِ ناڪام آهي؟

مطلب ڇا آهي نه هي سرسٽي ٻڌن لنون بعدي
آڪاش، واٻو، اگني، جل ۽ کدڪ سان ٺهي آهي، ۽
اهي لنو امني- وڏائي ۽ سوکيم هئڻ جي لحاظ سان ٻاڻ
۾ ملئل آهن. چئو نه هرڪا شيءِ سوکشم هئڻ ڪري
ٻاڻ کان ننڍي ۽ اسٿر شيءِ ۾ سوڙٻاواڪ ڪڻ سان

سوال آهي. مسئلو ذرا ڳنڀير آهي اڪري زياده غور فرمائيندا.

جهڙي طرح آڪاش ۾ شبد سڀاوڪ گڻ آهي اڪري واءُ ۾ شبد آڪاش کان ۽ سپرش (ڇهڻ) سڀاوڪ گڻ آهي. ان طرح اگني ۾ شبد ۽ سپرش آڪاش ۽ واءُ کان ۽ روپ سڀاوڪ گڻ آهي. ان طرح جل ۾ شبد سپرش ۽ روپ، آڪاش، واءُ ۽ اگني کان ۽ رس (ذائقو) سڀاوڪ گڻ آهي. ان طرح ئي گنڌ (پرٿوي) ۾ شبد سپرش روپ ۽ رس، آڪاش واءُ، اگني ۽ جل کان ۽ گنڌ سڀاوڪ گڻ آهي. ان طرح اهي پنجئي تتو پاڻ ۾ مليل آهن. جن مان هي سرشٽي ٺهي آهي.

ذرا ڌيان ڏيو: مٿين ڳالهه مان اهو ته سمجهي ويا هوندا ته هرهڪ تتو ۾ فقط هڪ ئي پنهنجو سڀاوڪ گڻ آهي باقي ٻيا گڻ ٻاڻ ڪاڻ وڌي تتو مان ئي ان ۾ مليل آهن. جهڙين مٿي ڏيکاريل آهي ته آڪاش ۾ فقط شبد (آواز) ۽ واءُ ۾ سپرش (ڇهڻ) اگني ۾ روپ (شڪل) جل ۾ رس (ذائقو) ۽ پرٿوي ۾ گنڌ (خوشبوءِ ۽ بدبوءِ وغيره) ان طرح جي انهن پنجن تتن جو ئي مقابلو ڪبو ته معاملو ماٿ ۾ اچي ويندو.

مثلا جڳهه جي اندر هڪ طرف ٻوڙو وهاري ان جي اڳيان باجو وڄايو وڃي. ٻئي طرف اڌرانگ جو

بيمار وهاري ان جي ناڪام عضوي تي آڱر رکي
ڇڏي. ٻئي طرف هڪ انڌي جي اڳيان تصويرن جو
ڪتاب رکيو ويو. ٽئين طرف کوڙي بيمار جنهن
جي زبان خراب ٿيل هئي انهيءَ اڳيان مٺائي رکي
وئي ۽ چوٿين طرف کوڙ ماڻهو وهاري جنهن کي
نڪ جي بيماري هئي ۽ نڪ ناڪام هئي انهيءَ اڳيان
خوشبوءِ دار شيون رکيون ويون. هاڻي توهان پاڻ
فيصلو ڪريو ته انهن چئن قسمن جي ماڻهن لاءِ ڪهڙي
شيءِ ڪارائتي ٿيندي. ڇا ٻوڙي لاءِ باجو ڪارائتو
ٿيندو؟ يا اڌرنگ جي بيمار لاءِ ناڪام عضوي تي
آڱر، يا انڌي لاءِ تصويرون، يا زبان خراب ٿيل لاءِ
مٺائي، وغيره لاءِ ڪانه وستو ڪارائتي ٿيندي؟
حساب موجب ته ان هرهڪ قسم جي ماڻهو لاءِ اها
هرهڪ ٻارڪري جي چيز ناڪام ثابت ٿيندي. ڇو
ته انهن چئن قسمن جي ماڻهن جي مختلف قسم جي
اندري ناڪام آهي انهن لاءِ اهي مختلف طرح رکيل
شيون به هرهڪ لاءِ جدا جدا ناڪام ثابت ٿينديون
هاڻي جي الي جيڪر انهن چئن مان ٻوڙو ٿئي ته
آواز آهستي ڪولي، اڌرنگ جو بيمار ٿئي ته سردي
ڪاٽهي. انڌو ٿئي ته شڪليون ڪوٺهي، زبان خراب
ٿيل ٿئي ته ذائقو ڪوٺهي ته جيڪر انهن سڀني جا

جواب نامعقول سمجهيا ويندا. ڇو ته شيون سڀ موجود آهن ۽ هو انهن کي ناثابت ڪندا.

هاڻي سوال آهي ته ائين ڇو ٿو لڳي ۽ انجو ڀلا ايشور سان ڪهڙو سنٻنڌ آهي؟

اصليت ڇا آهي ته انسان جي اکين ۾ ڏسڻ جي طاقت موجود آهي ۽ اڳدي جل ۽ ٻراوي ۾ روپ آهي. ته ان روپ جو عڪس جڏهين اکين تي ٿو پوي ۽ اکين جي سڌي نظر جڏهين ان روپ تي ٿي پوي ته پنهي جي ميلاپ سان ٿي اسين اها شيءِ ڏسي سگهون ٿا. ۽ جي ڪو انڌو آهي ته ڇاڪاڻ ته انجي اکين ۾ ڏسڻ جي شڪتي ڪانهي ان ڪري هو ڪنهن روپ کي نٿو ڏسي سگهي. ساڳي طرح وايو جنهن ۾ روپ ڪونهي ۽ اسانجي اکين ۾ ڏسڻ جي شڪتي به آهي، ۽ ڇاڪاڻ ته وايو ۾ روپ وارو عڪس ڪونهي انڪري اسين وايو نٿا ڏسي سگهون. انطرح هرڪا شيءِ پنجني اندرين سان لاڳاپو رکندڙ آهي. ان ڪري هرهڪ شيءِ جي وچ ۾ اسانکي اکين ٿو ڏسڻ ۾ اچي. ۽ ايشور جو اندرين کان ٻاهر آهي انڪري هو اندرين سان نٿو ڏسي سگهجي. ڇو ته هو نراڪار آهي. هو انسان مشين وانگر هٿن پيرن ٽنگون واري شرير سان ڪونهي. جنهن ڪنهن به ماڻهو کي اسين

ڏسي سگهون ٿا، ان جو آواز ٻڌي سگهون ٿا ڇو ته
هو به اسان جهڙن ٻين لوڪن جو ٻولو آهي، پر ايشور
ان آزار کان آجو آهي انڪري اسين ڏسي نٿا سگهون.
جي ڏسڻ چاهيون ته ڏسي نٿا سگهون ڇو ته هن جو
ڪو روپ ڪونهي. جي ٻڌڻ چاهيون ته ٻڌي به نٿا
سگهون ڇو ته هنکي ڪا زبان ڪانهي. مطلب ته ان
طرح ٻين ٻي اندرين سان اسين ايشور پراپتي لاءِ
ناڪام آهيون. جهڙي طرح مٿين ٻنهي قسمن جي ماڻهن
وارو مثال ڏيکاريو اٿم جنهن مختلف قسمن جون
اندريون ناڪام هجڻ ڪري سڀن لاءِ ٻئي شيون
اڳيان موجود به ناڪام آهن. جيتوڻيڪ شيون سڀ
موجود آهن. ساڳيءَ طرح جنهن شخص جون ٻئي
اندريون به سالم آهن پر ان جي اڳيان انهن ساڳين
ٻنهي جي شين يعني باجي وغيره مان ڪابه شيءِ
اڳيان نه رکجي ته ڪابه شيءِ ڏسي نه سگهندو.
جيتوڻيڪ هن جون اندريون سڀ سالم آهن.

مطلب چوڻ جو ته اندرين جو لوڪن سان ئي
سنبنڌ آهي، انڪري جيتوڻيڪ اسانجون اندريون
به سڀ سالم آهن. پر ڇاڪاڻ ته ايشور انهن ٻين
لوڪن جو ٻولو ڪونهي. هو نرآڪار آهي ۽ هٿ پيرن
جي ڪم ڪري سگهي ٿو، انڪري ئي اسين ايشور
کي نٿا ڏسي سگهون. انڪري اهو چوڻ ته ايشور

آهستي ڪونه. اهو اهڙي طرح آهي جهڙي طرح ڪو
ماڻهو موٽر جو آواز ٻڌي چوي ته مون آواز ڏنو ڪونه.
انڪري آواز آهستي ڪونه.

هاڻي باقي رهي اها ڳالهه ته جي ايشور اندرين
سان نه ڏسي سگهبو ته پوءِ ڪو اُپاءُ به آهي جنهن
سان ايشور پراپتي ٿئي؟ ها اپاءُ ضرور آهي. اهو آهي
گيان ۽ ڀڳتي. ڇو ته گيان ۽ ڀڳتي من ۽ آتما سان
ئي لاڳاپو رکندڙ آهي. جيئن آتما نراڪار آهي ۽ پرماتما
نراڪار آهي. نراڪار سان ئي سمبنڌ ٿي سگهي ٿو.
پس ان لاءِ ايشور جو گيان پراپت ڪرڻ گهرجي ۽ انجي
ڀڳتي ڪرڻ گهرجي. گيان ۽ ڀڳتي ئي ايشور پراپتي
جا مول ڪارڻ آهن. مثال طور وٺو ته جڏهين به
اسين ڪنهن ستسنگ ۾ ويهون ٿا ۽ اُتي شبد وچن
ٻڌون ٿا ته انهنجي ٻڌڻ سان ان گيان جو سڌو اثر
اسانجي آتما تي ٿئي ٿو نه ڪ ڪنهن اندري تي.
اندريون ته فقط گيان پراپت ڪرڻ جا ذريعا آهن.
پر اثر جو تعلق سارو آتما سان آهي. جي اتي ڪو شخص
جنهنکي ڪن جي بيماري هجي پر ٻڌي سگهندو
هجي، ته ستسنگ آدي ۾ ڪجهه گيان وارتا ٻڌڻ سان
ائين ڪونه ٿيندو ته هنجي ڪن جي شفاءُ ٿئي پر
ائين ئي ٿيندو ته انهن شبد وچن جو سڌو اثر ان

جي آتما کي ڏيندو. جن جي پڙهڻ ۽ ڪرڻ سان هو
پنهنجي آتما کي اُتم ڪندو.

بس! منهنجي اُتري پڙهڻ جو نتيجو اهو آهي
ته ايشور اندران ڪان ٻاهر آهي انڪري اندران سان
پراپت ٿيو ٿي سگهي. فقط گيان ۽ ڀڳتي سان ئي
ايشور پراپت ٿيندو، پر ماڻهن ۾ سچو سڌو ڪري
سمجهيو آهي ته ڪرڻ ڪجهه ته پر ملي ڀڳوان،
ان ڪمائي ناڪا، مونکي ساڌن جهڙو ڪري، سوڀائي
ايشور ۾ ته اهڙو سچو سودو آهي جو پڻ ڪنهن
ڪوشش ڪرڻ جي پراپت ٿئي ۽ ته اهڙو اندران
سان اڻڄاڻ آهي جو ان کي ڏسي سگهون، پر ڪجهه
ڪوشش ڪرڻ سان ئي ايشور جي پراپتي ٿيندي آهي.

پلا ماڻس! ذرا ويچار ته ڪريو ته جڏهن اسان کي
ڪنهن راجا يا مهاراجا سان ملڻ جي خواهش ٿي ٿئي
ته ڇا اُنهن ئي سڌو وڃي ان سان ملي سگهون ٿا؟
ڇا سواءِ ڪنهن اُميد رکڻ جي ان سان ڳالهائي
سگهون ٿا؟ پر راجا مهاراجا ڇڏيو فقط ڪنهن رواجي
آفيسر وٽ وڃڻ وقت به اسانکي پنهنجي درٻاس
بدلڻي ٿي پوي. پو ڦاٽڻ ٺيڪ ڪرڻ ڪاڻوءِ اُهو ان
سان ملڻ جي موڪل وٺي اچي ۽ تمام سنڀالي ٿو
ڳالهائڻو پوي ته آفيسر آهي مٿان ڪو گهڻو شبد اڪري

وڃي ۽ بي‌عزتي ٿئي! اگر ڪڏهن مهاراجا وٽ وڃڻو هجي ته ان کان به وڌيڪ اڳ پر وڃڻو ٿو پوي، پر انکان به وڌيڪ ان سان ڳالهائڻ ۾ ڪيترو فخر ٿو ٿئي! ته مان هڪ مهاراجا سان ڳالهائي رهيو آهيان يا ملي رهيو آهيان! ته پوءِ ٻڌايو! ڇا ان ايشور سان ملڻ ۾ انسانکي زياده فخر نه ٿيندو جو انهن مهاراجائن جو به مهاراجا آهي. جڏهن وٽ نه ايتري اڳ پر ڪرڻ جي ضرورت، نه پرمٽن بدلي ڪرڻ جي ضرورت ۽ نه ڪا اختياري وٺڻ جي ضرورت. انهن سان ملڻ لاءِ ٿوري تڪليف به برداشت نه ڪري سگهون. ان سان ملڻ لاءِ جي اپاءَ آهن تنجي ڪري نه پاڻ انسان جو نالو دنيا ۾ چمڪي ٿو ۽ جڏهن ايشور سان ملندو ته پوءِ انجي آنند جي ڪهڙي حد ٿي رهي.

ڇا ڀلا دنيا ۾ ڪڏهن شاهوڪار جو نالو هميشه لاءِ زنده آهي؟ ڇا ڪڏهن صرف مادي پرست سائنسدان جو نالو دنيا ۾ قائم آهي؟ نه هرگز نه! دنيا ۾ ته ان آستڪ انسان جو ئي نالو هميشه لاءِ زنده آهي جو ايشور ڀڳت آهي. جو دنيا ۾ رهندي دنيا سان تعلق رکندي به ايشور پريم ۾ مگن آهي. اڄ وشسٽ ۽ وشوامتر جو نالو ڇو زنده آهي؟ نه فقط نالو زنده

آهي پر انهيءَ گيان ۽ اعمالن کي دنيا حيران آهي
ته اهي ڪهڙي اعليٰ دماغ جا انسان هوندا جن هيتري
فلاسافي انهيءَ پستڪن جي اندر وجهي ڇڏي آهي.
اهو ڇو آهي؟ انڪري انهن جو دماغ ايشور پرم هنس
ڪري تمام اعليٰ درجي جو هو.

اڄ ڇو رام ۽ ڪرشن جو نالو دنيا جي هر ملڪ
جي اندر گونجي رهيو آهي؟ ڇا ان لاءِ رام ۽
ڪرشن وڏا مهاراجا ٿيون هئا؟ نه ان لاءِ نه. هو مهاراجا ٿيون
هئا پر ان لاءِ ته انهن جو آچرڻ يعني انهن جا اعمال اهڙا
اونچا هئا جنهن ورتن پڙهي هرهڪ انسان جو سر
انهيءَ قدمن ۾ جهڪي ٿو. ڇو ته هو پوليٽڪل
راجنيتڪ دنيا ۾ رهندي به ايشور جا سچا ڀڳت هئا.

اڄ ڇو مهاراجا جنڪ ۽ پرڪشٽ جو نالو زنده آهي؟
پر اهي ته پراڻي زماني جا مهاپرش آهن. فقط موجوده
زماني ۾ مهرشي ديانند ڏي نظر ڊوڙايون ته ڇو انجو
نالو دنيا جي زبان تي ظاهر آهي. ڇا ان ڪري ته
هو شاهوڪار هو؟ ڇا ان ڪري ته هو مهاراجا هو؟ ڇا
ان ڪري ته هو ڪو دنيا جو سائنسدان هو؟ نه نه!
پر ان ڪري هو سچو ايشور ڀڳت هو. مرڻ وقت به
ايشور هستي ۾ وشواس رکندي، پنهنجي ايشور هستي
ڏي مائل ڪندو ويو ۽ ويدن جو وڏو ودوان هو.

مهرشي ديانند انتم سمي اجمير ۾ انهيءَ جڳهه

جي اندر وانگو آهي. ڏياري جو ڏينهن ۽ شام جو سمو،
آهي. ان وقت موجوده مندرن کي ڇوي ٿو ته ڪمري
جا سڀ در ۽ دريون کولي ڇڏيون. دريون کلي
وييون. ان وقت مهرشي سنڌيا ۽ پرارٿنا ڪري سمهڻ
کي آڳيا ڏني ته سڀ ڪمري کان ٻاهر نڪري وڃو
سڀ نڪرن ٿا فقط هڪ شخص پنڊت گرودت لکي
ٿي رهيو. هو ناستڪ هو ايشور ۾ اعتبار وشواس نه
هوس. انهن مهرشي ڇيو هوس ته توهن جڏهين
ڪڏهن ايشور ڀڳت وڌوان جو موت ڏسندا ان ڏهين
توکي وشواس ايندو. انڪري پنڊت گرودت ان
اهو موقعو شڀ سمجهي لڪي ويٺو. اس پوء ڇا ٿيو؟
مهرشيءَ ايشور پرارٿنا ڪري ۽ يڪدم هي شبد چيائي
"هي ايشور تيري اڇا پورن هو" ايئن چئي پوء
شرير مان آتما نڪري ويئي. ان وقت مهرشي جو
چهرو خوشي سان ڀرپور هو. انهن پورن مڪتي جي
ڪارروائي پنڊت گرودت تي اهڙو اثر ڪيو جو هو
پڪو آستڪ يعني ايشور ڀڳت ٿي پيو ۽ چيائين ته
جنهن شخص کي مرڻ ۾ ڪو به دک ڪونهي ۽ انت ۾ به
ايشور ۾ وشواس رکي کلمک چهري سان پنهنجا پراڻ
ڇڏي ٿو ته ضرور ايشور آهي! ڏسو ته انهن ايشور
ڀڳتن جو موت ۽ ڪن لاءِ سبق آموز موت ٿئي ٿو
ته ڇا اڃا به ايشور ڪونهي؟

هلندڙ وقت جو مهاتما گانڌي جو مثال وٺو. جو
جيڪو ڪارج ڪري ٿو ان لاءِ چوي ٿو تہ مون کي
اهو آتما جو آواز ٻڌو آهي ۽ ملڪ ٽيڪ ان ايشور جي
آواز تي وشواس رکي هو ڪم ڪري ۽ ان ۾ فتحياب
ٿئي ٿو ۽ دنيا هن جي هرهڪ ڪارج تي حيران
آهي، تہ ڇا ڀلا اهڙا مهاتمائون ئي ايشور ۾ اٽل
وشواس رکي ۽ سڀ ڪم ۾ فتحياب ٿي رهيا آهن
تہ اسين ساڌارڻ منشيہ وري ايشور جي هستي کان
ومکہ رهون ۽ خواه مخواه منڪرن جيان منهن مٽو
ڦيريندا رهون تہ ڀوءِ اسان جهڙو موڙک ٻيو ڪير هوندو.
ايشور ڀڳتي ۽ ايشور وشواس ئي دنيا ۾ انسان کي
اعليٰ درجي تي آڻي ٿو، انڪري ايشور تي وشواس
رکو. دک سک سڀ ڪرمن جو ڦل سمجهڻ گهرجي
ايشور مان ڪڏهين بہ وشواس نہ هٽايو. ڏسڻ ۾ اٿو
اچي تہ اسين ڪونهي تہ هو آهيئي ڪونہ. تہ ڏسڻ
جي حيثيت ۾ فقط شرابر واري انگلنڊ جي شهنشاه
کي ڏسو. اسان ان کي ڏٺو ڪونهي تہ بادشاہ برابر
اٿي آهي يا نہ. يا آهي تہ ڪهڙو آهي. پر اسانکي
وشواس آهي تہ ان جو هيٺرو ڪنٽرول (پربنڌ) ڏسي
چئي سگهون ٿا تہ تہ بادشاہ ضرور آهي. حالانڪ
اسان بادشاه ڏٺو بہ ڪونهي. ان طرح ايشور جو هي
وشو منڊل جو انتظام باقاعدي ڏسي وشواس رکڻ

ڳھرجي ته ضرور ڪا شڪتي آهي جا هن سموري
ڪاروبار کي باقاعدي هلائي رهي آهي.

اِس زياده ڇا لکان، ٽرنڪٽ ختم ٿيو آهي؛
قلم لکڻ لاءِ هاڻ تيار ٿيو. پر ٿورن صفحن جي اندر
ٿورو ڪجهه لکي مات ۾ رهڻو ٿو پوي.

ايشور آهي! ان وشيه ۾ زياده بحث ڪرڻ
منهنجي خيال ۾ ته مورکتائي آهي. اهو ان طرح
آهي جيئن ڪو شخص سورج جي روشني ڏسي پڇي
ته هي روشني خود بخود ڪٿان اچي رهي آهي.
پر سورج آهيئي ڪونه؛ ٻيو انجي جواب ۾ چوي
ته ته اها روشني سورج جي آهي. ان طرح ڪو اهو
چوي ته ايشور ڪونهي؛ ٻيو چوي ته نه، آهي ته
ڪهڙو نه مورکن جو معاملو سمجهيو وڃي.

آشا آهي ته پيارا پاٺڪن منهنجو مقصد سمجهي
ويا هوندا. هي پٽي ليک ۱۹۳۸ع جا ڇپيل آهن؛
ٻهي جون ٻ - ٻ هزار ڪاپيون ۳ دفعا ڇپجي
چڪيون آهن. — سمرات

اوم شانتي! شانتي!! شانتي!!!

## -: آريه سماج جا ڌرم نيم :-

١- سڀني سچي وديا ۽ جيڪي پدارٿ ان وديا دوارا جاڻي سگهجن ٿا تن سڀني جو آدي مول پرميشور آهي.

٢- ايشور سچدانند سروپ، نراڪار، سرو شڪتيمان نياءِ ڪاري، ديالو، اجنما، اننت، نروڪار، انادي، انوپم، سرو آڌار، سرو ايشور، سرو وياپڪ، سرو انترجامي اجر، امر، اڀيه، نتيه، پوتر ۽ سرشٽي ڪرتا آهي. ان جي ئي اپاسنا ڪرڻ يوگيه آهي.

٣- ويد سڀ ستيه وديا جو پستڪ آهي. ويد جو پڙهڻ پاڙهڻ، ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ سڀني آرين جو پرم ڌرم آهي.

٤- سچ کي گرهڻ ڪرڻ ۽ ڪوڙ کي تياڳڻ لاءِ هميشه تيار رهڻ کپي.

٥- سڀ ڪم ڌرم انوسار اروا سچ ۽ ڪوڙ کي ويچاري ڪرڻ گهرجن.

٦- سنسار جو اپڪار ڪرڻ، هن سماج جو مکيه اُديش آهي. اڙوا شاريرڪ، آتمڪ سماجڪ اُنتي ڪرڻ.

٧- سڀني سان پريتي پوروڪ، ڌرم انوسار يٿا يوگيه ورتاءُ ڪرڻ گهرجي.

٨- اوديا جو ناس ۽ وديا جو واڌارو ڪرڻ گهرجي.

٩- هر هڪ منش کي پنهنجي ئي اُنتيءَ ۾ خوش ٿيڻ نه گهرجي بلڪ سڀني جي اُنتيءَ ۾ پنهنجي اُنتي سمجهڻ گهرجي.

١٠- سڀني ماڻهن کي سماجڪ (سڀني جو ڀلو ڪندڙ) نيمن پالڻ ۾ پرتنتر (آڌين) رهڻ گهرجي ۽ پنهنجي ڀلائيءَ واري ڪارن ۾ هر هڪ سوتنتر (آزاد) آهي.

कुछ लोग जितनी भक्ति की चिंता करते हैं उतनी कर्तव्य पालन की नहीं। वे समझते हैं, भक्ति के बदले सांसारिक कर्तव्यों से छुटकारा पा जाएंगे। ऐसे लोग ही ईश्वर से अपने पापों को क्षमा करने की याचना करते हैं।

— पं० गंगाप्रसाद उपाध्याय


ॐ

آریــن پیٹرو کیمیکلس

پــرائیویٹ لمیٹیڈ

आर्यन पेट्रो केमीकल्स प्रा. लि.

انڈسٹریــل سالونٹس، پٹریفن ویکس،

پیسٹیسائیڈ کیمیکلس & ٹیکنیکل

۳، نیون مارٹ، 'اوم کامپلیکس'، سواستک چار

رستا، سی۰ جی۰ روڈ، نورانگپورا، کرڈاولی-۳۰۰۰۹

فون : 465878-402771-6563498

فیکس : 91-79-2821441